خبرنامو حيدرآباد

# سنڌي ٻولي

باني چيئرمئن: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نئشنل هاءِ وي، حيدرآباد
71000، سنڌ، پاڪستان
ٽيليفون: 3-022-9240050 فيڪس: 022-9240051

چيئرمئن: پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
سيڪريٽري: هارون عنايت عباسي
ايڊيٽر: سليم چروار
ڪمپوزنگ: رحيم پاشا خواجه
رپورٽنگ ٽيم: نغمه ابڙو ۽ ساجد چانڊيو
لي آئوٽ: تولارام سوٿهڙ
فوٽوگرافي: شوڪت شاهاڻي/ ممتاز علي موجائي

جلد سترهون، شمارو پهريون، جنوري کان مارچ 2017ع

Website: www.sindhila.org Email: sindhila@yahoo.com




بابت ٻڌايو ته، اڄ کان ويهه سال اڳ منهنجو خواب هو ته، آءٌ موهن جي دڙي تي عالمي سطح جي ڪانفرنس ڪرائي ان جي اهميت کي دنيا اڳيان آڻيان ۽ سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب ڪانپوءِ عالمي سطح تي روشناس ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريان ۽ نيٺ منهنجي ان خواب کي ساپيان ملي، جو هن ڪانفرنس ۾ عالمي سطح جا ماهر شريڪ ٿيا، جن جي تجويزن تي اڳتي ڪم ڪرڻ ۾ مدد ملندي وزير ثقافت سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ جي حوالي سان ڳالهائيندي چيو ته، ويجهي ماضيءَ ۾ محترم مجيب پيرزادي، محترم يوسف ٽالپر ۽ محترم ماروي ميمڻ پاران پيش ڪيل قراردادن کي رد ڪيو ويو جڏهن ته هن وقت سينيٽ ۾ ان حوالي سان ٻه قراردادون سينيٽر ڪريم خواجه سينيٽر سسئي پليجو ۽ سينيٽر عاجز ڌامراهه پاران

تقريب کي خطاب ڪندي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ سڀني معزز مهمانن جي آجيان ڪندي چيو ته: هن ڪانفرنس جو مقصد سڀني مکيه ٻولين جي ترقيءَ بابت ويچارڻ آهي. اڄوڪو ڏينهن ان ڳالهه جي گواهي آهي ته اسان قومي ٻوليءَ واري جدوجهد ۾ شامل آهيون. اسان پاڪستان جي سڀني مکيه ٻولين سان ڀائيچارو ڪرڻ چاهيون ٿا. سنڌي ٻوليءَ جو هي ادارو سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه لاءِ قائم ٿيل آهي، جنهن لاءِ اسين جاکوڙي رهيا آهيون. سنڌي ٻوليءَ کي جديد دَور جي ڊوڙ ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ 'سنڌي ڪمپيوٽنگ' جي ترقي ضروري آهي. ڊاڪٽر غفور ميمڻ وڌيڪ چيو ته: سنڌ جو نوجوان متحرڪ آهي، ڪين پنهنجي ٻوليءَ سان جذباتي لڳاءُ آهي، ان ڪري اسان جيستائين باصلاحيت نوجوانن



ٻن ڏينهن جي قومي ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب کي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سليمان شيخ، محترم فقيرداد کوسو، محترم نصير مرزا، محترم نياز پنهور ۽ محترم امر فياض خطاب ڪري رهيا آهن.

پيش ڪيل آهن، جن کي مشورو ڏنو آهي ته مجموعي طور تي هڪ ئي قرارداد پيش ڪئي وڃي، جيڪا لاڀائتي ثابت ٿيندي. ان موقعي تي صوبائي وزير اعلان ڪيو ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ملازمن لاءِ رهائشي ڪالوني ٺهرائي ويندي ۽ اٿارٽيءَ جي هال کي وسيع ڪري، آڊيٽوريم جي شڪل ۾ ٺهرايو ويندو. سنڌي ٻوليءَ جو ميوزيم/ عجائب گهر به سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ ٺهرايو ويندو. ان کان اڳ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته، 21 فيبروري 'مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن' جي مناسبت سان اڄوڪي ڪانفرنس اهم آهي. سنڌ ۾ رهندڙ هر ماڻهو پنهنجي ماءُ ٻوليءَ سان پيار ڪري ٿو ۽ هن ڪانفرنس جو مقصد سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ ترقيءَ جي سلسلي ۾ ماهرن جون تجويزون گڏ ڪرڻ آهي. هن چيو ته سي پيڪ منصوبي کان پوءِ چيني ٻولي جي اهميت وڌي آهي، ان ڪري به اسين چاهيون ٿا ته اسان جو سنڌي پورهيت يا ڊرائيور جڏهن بيجنگ پهچي ته اتان جي ماڻهن کي 'شاهه لطيف' جو ڪلام چيني ٻوليءَ ۾ ٻڌائي. ان ڏس ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ چيني ٻولي سيکارڻ جا مرڪز قائم ڪيا ويندا ۽ ان حوالي سان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمئن سان پڻ مشاورت ڪئي وئي آهي. اٿارٽي پڻ ان مقصد لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي

کي اڳتي نه آڻينداسين، تيستائين سنڌي ٻوليءَ کي ترقي ڏياري نه سگهنداسين. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۽ درست استعمال لاءِ ضلعي سطح تي 'تربيتي ورڪشاپ' ڪرائي رهيا آهيون، جنهن ۾ مقامي صحافي، استاد ۽ شاگرد حصو وٺي تربيت حاصل ڪندا رهن ٿا.

ناليواري اديب ۽ اسڪالر ڊاڪٽر سليمان شيخ ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته: اسان تاريخ ساز مرحلي مان گذرون پيا، مرڪزي سرڪار توڙي پارليامينٽ اسان جي ٻوليءَ کي گهربل اهميت ڏيڻ لاءِ سنجيده ناهن. سنڌي ماڻهن لاءِ ناڪاري تاثر ڏيکاريا وڃن ٿا. سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ نوجوان نسل شروعات ڪئي آهي. اسان ٻوليءَ متعلق ٻين کي چوڻ بجاءِ پاڻ کي ڏسون ته اسان ڇا ڪيو آهي! اسان ايس. ايم. ايس به سنڌيءَ ۾ نه ٿا ڪريون. سنڌ سرڪار خانگي اسڪولن کي لائسنس ڏئي پئي، پر اهي چون پيا ته اسڪولن ۾ 'سنڌي نصاب' بدران پنجاب بورڊ جو نصاب پڙهايو ويندو. خانگي تعليمي ادارا اردو عربي، چيني، انگريزي پڙهائڻ لاءِ تيار آهن، پر سنڌي پڙهائڻ لاءِ تيار نه آهن. ان لاءِ اسان کي متحد ٿيڻو پوندو.

ناليواري دانشور محترم انعام شيخ چيو تہ: ڪنهن قوم کان جيڪڏهن مادري زبان جو حق کسيو وڃي، تہ ان لاءِ جيئڻ جو ڪو بہ حق نٿو بچي. هن ٻڌايو تہ روزانو انگريزيءَ جا ڏهہ لفظ سنڌيءَ ۾ داخل ٿي رهيا آهن. جنهن طرف ڌيان ڏيڻو پوندو هن چيو تہ سنڌي ماڻهوءَ جي سنڌي ٻوليءَ سان جذباتي وابستگي آهي. سنڌي ٻوليءَ جا اڻ ڳڻيا چئنل آهن. جيڪي سرڪار نہ پر اسان جي ماڻهن قائم ڪيا آهن. جيڪو ٻوليءَ سان پيار جو ثبوت آهي.

## ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي پيش ڪيل ٺهراءُ:

ٻن ڏينهن جي قومي ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي ڪي اهم ٺهراءُ پيش ڪيا ويا. ٺهراءُ ڪميٽيءَ جي ميمبرن محترم هارون عنايت عباسي، محترم يوسف سنڌي، محترم امين لغاري ۽ محترم سليم جروار طرفان تيار ڪيل ٺهراءُ ڊاڪٽر شير مهراڻي پڙهي ٻڌايا ۽ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙن مڪمل تائيد ڪئي.

(1) جاڪاڻ تہ پاڪستان جي آئين ۾ اهڙي گنجائش موجود آهي، ان ڪري چئني صوبن ۾ اتان جي ٻولين 'سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پشتو' کي قومي ٻوليون مڃڻ لاءِ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان بل پاس ڪرائي آئيني ترميم ڪئي وڃي.

(2) يونيسڪو جي پاس ڪيل بين الاقوامي اُصول موجب اهو هر ٻار جو بنيادي حق آهي تہ ان کي گهٽ ۾ گهٽ پرائمري سطح تائين پنهنجي مادري زبان ۾ تعليم ڏني وڃي. ان بنيادي حق جي روشنيءَ ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۽ تعليم جي وزارتن کان ٻار جي انهيءَ بنيادي حق تي عمل ڪرائڻ جي گهرڪجي ٿي.

(3) ملڪي سطح تي چٽاڀيٽيءَ جي امتحانن (Competitive Examinations) لاءِ سنڌ ۾ سنڌي ۽ ٻين صوبن جي رهواسين کي پنهنجو امتحان، پنهنجي مادري ٻولين ۾ ڏيڻ جو اختيار ڏنو وڃي.

(4) سنڌ ۾ موجود سمورن غير سرڪاري اسڪولن کي قانوني طور پابند ڪيو وڃي، تہ اهي سنڌي ٻوليءَ جي لازمي تدريس واري گهرج پوري ڪن ۽ اهڙي قانون تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي.

(5) سنڌي ٻوليءَ جي دفتري حيثيت کي بحال ڪرڻ لاءِ 1994ع ۾ سنڌ جي تڏهوڪي وزيراعليٰ سيد عبدالله شاهہ طرفان ڏنل هدايتن (Directions) تي نڪتل نوٽيفڪيشن تي مڪمل عمل ڪرايو وڃي.

(6) سنڌ ۾ ڪاروبار ڪندڙ ملڪي ۽ غير ملڪي ڪمپنين جي وڪري وارين شين تي ڏنل ڄاڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ لکي وڃي.

(7) سنڌ ۾ موجود مختلف بئنڪن جي 'اي ٽي ايمز' جي سافٽ ويئر ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بہ شامل ڪيو وڃي.

(8) سنڌ ۾ قائم سمورين يونيورسٽين ۾ جتي جتي سنڌي شعبا قائم ٿيل آهن. انهن کي 'انسٽيٽيوٽس' ۾ تبديل ڪيو وڃي ۽ جتي سنڌي شعبو قائم ٿيل نہ آهي. اُتي جلد کان جلد سنڌي شعبي جو قيام عمل ۾ آندو وڃي.

(9) پاڪستان ۾ هلندڙ ڪرنسي نوٽن تي سنڌي ٻولي بہ لکي وڃي، جيئن ماضيءَ ۾ هڪ روپئي ۽ پنجن روپين وارن نوٽن تي سنڌيءَ ۾ لکيل هوندو هو.

(10) سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي وڌيڪ قانون سازيءَ ذريعي صحيح معنيٰ ۾ ائين 'بااختيار' بڻايو وڃي، جيئن دنيا جي ٻين ملڪن ۾ موجود 'لئنگئيج اٿارٽين' کي اختيار ڏنل آهن.

(11) پاڪستان جي سمورين مادري ٻولين کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ ۽ انهن جي تقابلي مطالعي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ابتدائي طور سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي نگرانيءَ هيٺ هڪ انسٽيٽيوٽ/ بورڊ قائم ڪري ڪم جي شروعات ڪئي وڃي. گڏوگڏ هن اداري جي باقاعدي قيام بابت سنڌ حڪومت سان لکپڙهہ کي يقيني بڻايو وڃي.

اداري لاءِ تجويز ڪيل نالا:

(1) مادري ٻولين جي ترقيءَ جو گڏيل سهڪاري ادارو۔IPMLS
(Institute for the Promotion of Mother Languages Studies)

(2) ماءُ ٻولين جي اڀياس ۽ ترقيءَ جو ادارو۔IMLS
(Institute of Mother Languages Studies)

(3) مادري زبانن جي تقابلي اڀياس جو ادارو۔ICSML
(Institute for Comparative Studies of Mother Languages)

## 2014۔2015 ۾ ڇپيل ڪتابن تي اوارڊ ورهائڻ جي تقريب

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سنڌي اديبن، شاعرن ۽ محققن جي همت افزائيءَ لاءِ سندن خدمتن جي مڃتا طور ادبي انعام ڏيڻ واري روايت کي برقرار رکندي، 23 جنوري 2017ع تي شام جو اداري جي 'ڊاڪٽر اين-اي بلوچ هال' ۾ 2014ع ۽ 2015ع ۾ ڇپيل سنڌي ادب جي مختلف صنفن جي ڇپيل ڪتابن تي اوارڊ ڏيڻ جي تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت ناليواري ليکڪ، ڪهاڻيڪار، ڊرامہ نويس محترم شوڪت حسين شوري ڪئي.

پيغام کي عالمي سطح تي روشناس ڪرائي نہ سگهياسين تہ اهو وڏو الميو هوندو. اسان انٽرنيٽ جي مدد سان نہ رڳو جديد دنيا ڏانهن ڪاميابي سان وڌون پيا، پر اسان پنهنجين روايتن کي بہ گڏ کڻي هلي رهيا آهيون. لئنگئيج اٿارٽي جي ڪوشش سان هن جديد دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي انٽرنيٽ وسيلي رسائي آسان ٿي وئي آهي.

ناليواري اديب محترم تاج جويو چيو تہ: مٺل وقاصي سنڌ ۾ لطيف جو سفير آهي. لطيف تي ڊاڪٽر بلوچ کان وٺي عالمن تحقيق ڪئي آهي. لطيف تي تحقيق جو در بند ٿيو آهي نہ ٿيندو. مرزا قليچ بيگ کان ڊاڪٽر بلوچ تائين جن لطيف تي ڪم ڪيو انهن کي سلام آهي. هن چيو تہ مختلف ماڻهن لطيف جي ٻولي جي الڳ معنيٰ ڪڍي آهي. انهن کي درست ڪري رسالن ۾ ڇپائڻ ۽ انٽرنيٽ تي اپلوڊ ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو تہ لاڙ ۾ لطيف جا اڻ پڙهيا حافظ ملندا. بدين لڳي ۽ سجاول ضلعي ۾ بيشمار ماڻهو ويٺا آهن. لڳي ضلعي جي جتن جي هڪ ڳوٺ ۾ اگر ڪو وفات ڪري ٿو تہ سوڳ بہ لطيف جي بيتن ۾ ڪيو ويندو آهي. ڀٽائي موسيقيءَ جو بہ ڄاڻو هو. لطيف جي موسيقي تي بہ تحقيق ڪرڻ جي ضروت آهي. هن چيو تہ لطيف ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ منصور تي تمام گهڻو لکيو آهي. ڀٽائي رومي کان متاثر ٿيو پر ان کان بہ اڳتي ويو. ڀٽائيءَ تي فڪري حوالي سان تحقيق جي ضرورت آهي.

ناليواري دانشور محترم جامي چانڊيي چيو تہ: مٺل سان دوستيءَ جي تند لطيف آهي. مٺل وقاصي لطيف جي سچن عاشقن مان آهي. تمام ٿورا ماڻهو آهن، جن رسمن نہ پر لطيف سان حقيقي محبت جو ثبوت ڏيندي آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ لطيف جي نالي سان ادارو قائم ڪيو. ڊاڪٽر مٺل جي ڪوشش سان تقريبن 'سانا' جي هر محفل ۾ لطيف تي ضرور ڪو نہ ڪو موضوع هوندو آهي. سندس ڪوشش سان پوري دنيا ۾ آن لائين ليڪچر شروع ڪيا ويا. گهر ويٺي ڏنل ليڪچر هڪ ئي وقت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڏيکاريا ويا. هن چيو تہ لطيف سائينءَ کي دنيا ۾ ڪيئن متعارف ڪرائجي، ان لاءِ اسان کي حڪمت عملي جوڙڻ جي ضرورت آهي. هن چيو تہ سائنس ترقي پئي ڪري تعليم وڌيڪ آهي پر مغربي معاشري ۾ علم جي کوٽ آهي. مغرب هاڻي مشرقي معاشري ڏانهن نهارڻ شروع ڪيو آهي. مغربي دنيا ۾ 10_15 سالن ۾ ڏٺو ويو آهي سڀ کان وڌيڪ روميءَ جو ڪتاب وڪامي ٿو. دنيا ۾ وڏا مرڪز آهن جتي روميءَ تي ڪم ٿئي ٿو. لطيف جي بيتن ۾ روميءَ جو اثر نظر اچي ٿو. اسان جي ماهرن بہ اهو ئي چيو آهي تہ لطيف، روميءَ کان متاثر هو. رومي ۽ لطيف ۾ هڪجهڙائي آهي، پر رومي جي فڪر ۾ الاهيت ۽ لطيف جي فڪر ۾ وري انسان ذات سمايل آهي. هن ٻڌايو تہ



اوائلي دور ڏندڪٿائن ۽ ديوتائن جي شاعريءَ جو دور هو ان کانپوءِ بادشاهن جي قصيده گوئي جو دور آيو پر لطيف دنيا جي سمورن شاعرن مان اهو آهي، جنهن عام انسان جي شاعري ڪئي، جنهن ۾ عام ماڻهوءَ جي محبت، حُسن ۽ درد جي ڳالهہ ٿيل آهي.

محترم امر فياض ٻرڙي چيو تہ: لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ مفرد 11958 لفظ استعمال ڪيا آهن، انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ 731 ڀيرا 'نہ' جو لفظ استعمال ڪيو آهي. مطلب لطيف سماج جي جمود جو انڪاري هو. هن چيو تہ هارورڊ يونيورسٽيءَ جي شاگرديائي لطيف جي موسيقي تي پي ايچ ڊي پئي ڪري، هوءَ چوي ٿي تہ لطيف جي وائيءَ جي ڪمپوزنگ ڪري نفسياتي اسپتالن ۾ ڏجي تہ مريض ٺيڪ ٿي ويندا. گوگل ۾ ايشيا جي 16 رجسٽرڊ ٻولين ۾ سنڌي ٻولي جو وڏو پورٽل آهي. لطيف جي ٻوليءَ کي عربي ۽ فارسي پيٽرن مان ڪڍي رومن ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي.

تقريب ۾ محفل موسيقيءَ جو پڻ اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ استاد امير علي، سدارنگ علي، گلزار علي خان لاشاري ۽ عتيق لاشاري، لطيف جو ڪلام پيش ڪيو جڏهن تہ شاهہ جي شاعريءَ جي حافظ ٻن ننڍڙن ٻارڙن: راحت ۽ انتخاب علي ٻرڙي، شاهہ سائينءَ جا چونڊ بيت، الفابيٽ جي ترتيب سان ٻڌايا. سُرندي نواز محمد حسن ملاح ۽ چنگ نواز علي محمد رونجهي پڻ پنهنجي فن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. ان کان پهرين چيئرمئن ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ آيل مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا.

## ٻن ڏينهن جي ٻولي ڪانفرنس جون تصويري جهلڪيون



ڪي سندس نياڻيءَ ڊاڪٽر چارو گدوائيءَ 'سنڌي لوڪ گيت' جي عنوان سان پوني انڊيا مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. هن ڪتاب



کي محترمہ پارسا رضوي موجوده عربي- سنڌي لپيءَ ۾ آندو آهي ۽ ايڊيٽنگ ۽ نظرثاني ڊاڪٽر فهميده حسين ڪئي آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 2010ع ۾ ۽ ٻيو ڇاپو ڊسمبر 2016ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. 119 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي قيمت 120 روپيا آهي.

'لغات لطيفي'

هيءَ آڳاٽي لغت اصل ۾ شاهہ جي ڪلام جي ٽيون نمبر لغت



آهي، پر هڪ لحاظ سان هن کي پهرين لغت سڏڻ صحيح ٿيندو. جنهن ۾ سُر وار ڏکين لفظن جي معنيٰ، بيت نمبر ۽ فصل ٻڌايو ويو آهي. ان کان اڳ ديوان ليلارام ۽ پيرومل مهرچند آڏواڻي پڻ شاهہ جي رسالي جون مختصر لغتون ترتيب ڏنيون هيون. هن ڪتاب جو مؤلف شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ آهي. 366 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي قيمت 500 روپيا آهي.

'سنڌي صوتيات'

صوتيات لسانيت جو اهم حصو آهي ۽ ساڳي وقت هڪ ڏکيو علم آهي. ٻين جديد علمن وانگر هن علم جي کوجنا لاءِ بہ ليبارٽري ۽




سائنسي اوزارن جي ضرورت پوي ٿي. ڊاڪٽر غلام علي الانا هن علم تي سنڌي ٻوليءَ ۾ هي پهريون ڪتاب 1967ع ۾ لکيو هو. ڪتاب جو ٻيو ڇاپو جنوري 2009ع ۾ ۽ ٽيون ڇاپو تازو جنوري 2017ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب علم لسان جي استادن ۽ شاگردن لاءِ تہ ڪارگر ثابت ٿيندو، پر ٻوليءَ جي علم ۾ دلچسپي رکندڙ بہ هن ڪتاب مان وڏو لاڀ پرائي سگهندا. 188 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي قيمت 150 روپيا آهي.

'سنڌي ٻوليءَ جو گرامر'

سنڌي ٻوليءَ اٿارٽي ۽ اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف




هيريٽيج آف سنڌ پاران سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ڇپيل نادر ڪتابن جي ٻيهر ڇپائي ۽ ترجمي واري گڏيل رٿا هيٺ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ جو 'سنڌي ٻوليءَ جو گرامر'، 'A Grammar of Sindhi Language' ترجمو ڪرائي شايع ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جو ترجمو ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ ڪيو آهي. جڏهن تہ ان جي ايڊيٽنگ ڊاڪٽر فهميده حسين ڪئي آهي. هي ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي تحقيق ڪندڙ شاگردن ۽ عالمن سان گڏ سنڌي گرامر پڙهائيندڙ استادن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو. 343 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو تازو جنوري 2017ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جي قيمت 600 روپيا آهي.

'سنگيت سنسار'

موسيقيءَ جي موضوع جي حوالي سان هي ڪتاب هڪ مڪمل



فهرست آهي. جنهن ۾ موسيقيءَ جي اسمن سازن، راڳن، راڳڻين ۽ راڳدارين سميت هر قسم جي ڄاڻ الف-ب وار ڏني وئي آهي. 375 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي سائيز ڊبل ڪرائون ۽ جلد پڪو آهي. هن ڪتاب جي قيمت 500 روپيا آهي.

## ڪتابن جو وڪرو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو وقت ۾ وقت سنڌي ٻوليءَ جا ڪتاب سنڌ ۾ عام ماڻهن، شاگردن ۽ استادن تائين پهچائڻ واري مقصد تحت ڪم ڪي تيز ڪندي، اُن پاليسيءَ موجب وقت ۾ وقت 50% رعايت ڏيڻ کان پوءِ



مارڪيٽنگ شعبي جي محنت سان گذريل ٽن مهينن دوران ڇويهہ لک ڇهاونجهہ هزار پنج سؤ روپين جو رڪارڊ وڪرو ٿيو. چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ مارڪيٽنگ شعبي جي اهڙي غير معمولي ڪارڪردگي کي ڏسندي مارڪيٽنگ مئنيجر محترم محمد ابراهيم ڪنڀر، سيلز اسسٽنٽ محترم فياض احمد ميمڻ، محترم سڪندر علي بلوچ، محترم محمد علي شاهہ ۽ محترم زمان پتافي کي شاباس ڏني.

## چيئرمئن صاحب سان اداري جي ملازمن پاران تعزيت

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جو والد محمد اسماعيل ميمڻ، 15 جنوري 2017ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. جنهن تي مختلف شخصيتن ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ سان ڏک جو اظهار ڪيو. جڏهن تہ اٿارٽيءَ جي عملدارن ۽ ملازمن پڻ چيئرمئن صاحب سان تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي روح جي دائمي سڪون لاءِ دعا گهُري.


Experts stress need to reform STB syllabu
DAWN
ptical Character Recognition launched
rges Sindh govt to introduce
as official language
The Largest Ci
akistan
DAILY
KAWISH
Daily AWAMI AWAZ
Daily SOBH Karachi
Moot urges Sindh govt to introduce
Sindhi as official language